# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1993
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1993
# سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 1993
# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX ORDINANCE, 1993
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصف

Definition

3. ٽيڪس لڳائڻ

Levy of Tax

4. ٽيڪس لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ

Assessment and collection of Tax

5. ضلعي يا ضلعن جي هڪ کان وڌيڪ ديهہ، تپي يا تعلقي ۾ زمين رکندڙ شخص جي ذميداري

Liability of person owning land in more then one deh, tapa or taluka of a district or districts

6. خاص معلومات، بيان لاءِ درخواست

Requisitioning of certain information, statement

7. ڇوٽ

Exemption

8. اپيل، جائزو يا نظرثاني

Appeal, review or revision

9. دائره اختيار تي پابندي

Bar of jurisdiction

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Rule making power

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1993
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1993
# سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 1993
# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX ORDINANCE, 1993

[30 سيپٽمبر 1993]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ زرعي زمين مان حاصل ٿيندڙ پيداوار تي ٽيڪس مڙهي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ زرعي زمين مان حاصل ٿيندڙ پيداوار تي ٽيڪس مڙهڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

(3)ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

وصف
Definition

2.(1)جاڻايل آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهہ مقصد ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"ايڪٽ" مطلب سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967؛

(b)"ڪليڪٽر" مطلب ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ جنهن ۾ شامل آهي ايڪٽ تحت ڪليڪٽر جون ذميداريون نڀائڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪو عملدار؛

(c)"حڪومت" مطلب سنڌ صوبي جي حڪومت؛

(d)"زمين" مطلب زمين جيڪا زرعي مقصد لاءِ استعمال ٿيندي هجي يا استعمال ڪري سگهجي يا زراعت سان لاڳاپيل مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ۽ لينڊ روينيو/عشر لاڳو هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي وفاقي يا صوبائي حڪومت جي مالڪي هيٺ زمين جيڪي ليزيز، هارين يا گرانٽيز جي قبضي ۾ هجي پر ان ۾ شامل نہ آهي اها زمين جيڪا عمارتن جي سائيٽ ۽ اهڙي زمين تي ٻين تعميرات لاءِ هجي؛

(e)"مالڪ" مطلب زمين جو مالڪ ۽ جنهن ۾ شامل آهي ضبط ڪندڙ يا قبضو رکندڙ ليزي؛

(f)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(g)"پروڊيوس انڊيڪس يونٽ" جو مطلب لينڊ ريفارمس ايڪٽ، 1977 ۾ ڏنل مطلب وارو هوندو؛

(h)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(i)"ٽيڪس" مطلب هن آرڊيننس تحت اوڳاڙي لائق زرعي پيداوار ٽيڪس.

(2)ٻيا سمورا لفظ ۽ اظهار جيڪي هن آرڊيننس ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن، انهن جو مطلب اهو هوندو، جيڪو انهن کي ايڪٽ تحت ڏنل هجي.

**ٽيڪس لڳائڻ**
**Levy of Tax**

3.(1) ڪا بہ ٽيڪس اهڙي زمين تي نہ اوڳاڙي ويندي جيڪا 4000 پروڊيوس انڊيڪس يونٽس کان وڌيڪ نہ هجي.

(2)ٽيڪس 4000 هزار انڊيڪس يونٽس کان في انڊيڪس يونٽ اضافي آباد ڪيل زمين تي ٻه رپيا ملھ جي حساب سان اوڳاڙي ويندي.

(3)زمين جي مالڪ طرفان اهڙيءَ ريت ٽيڪس ادا ڪئي ويندي، جيئن اها لڳائي ۽ اوڳاڙي وڃي.

| | |
|---|---|
| ٽيڪس لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ<br>Assessment and collection of Tax | 4.(1)ٽيڪس ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان لڳائي ويندي، جنهن جي حدن ۾ ٽيڪس لڳائي ويندڙ زمين ايندي هجي ۽ جيڪڏهن زمين هڪ ضلعي کان وڌيڪ ۾ واقع هجي، هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ اها هڪ پيرو اوڳاڙي ويندي ۽ ان ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان اوڳاڙي ويندي، جنهن ضلعي ۾ زمين جو وڌيڪ حصو واقع هجي.<br>(2)ٽيڪس اهڙيءَ ريت اوڳاڙي ويندي جيئن زمين جي روينيو جي اوڳاڙي جو طريقو ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو هجي. |
| ضلعي يا ضلعن جي هڪ کان وڌيڪ ديهه، ٽپي يا تعلقي ۾ زمين رکندڙ شخص جي ذميداري<br>Liability of person owning land in more then one deh, tapa or taluka of a district or districts | 5.هر شخص جيڪو هن آرڊيننس جي مقصد موجب هڪ ديهه، ٽپي يا تعلقي کان وڌيڪ ۾ زمين جو مالڪ بڻجي ۽ ٽيڪس جي ادائگي جو ذميدار هجي، هن آرڊيننس جي شروعات کان سٺ ڏينهن اندر يا جيئن معاملو هجي، اهڙي تاريخ کان جنهن کان اهڙو شخص اهڙيءَ ريت ذميدار بڻجي، اهڙي زمين جا مڪمل تفصيل ڪليڪٽر کي جمع ڪرائيندو ۽ جتي اهري ديهه، ٽپو يا تعلقو هڪ ضلعي کان وڌيڪ ضلعن ۾ واقع هجي، اهو اهڙن سمورن ضلعن ۾ زمين جا تفصيل جمع ڪرائڻ جي حقيقت جو اعلان مٿي ڄاڻايل عرصي دوران ڪليڪٽر سامهون پيش ڪندو. |

**خاص معلومات، بيان لاءِ درخواست**
**Requisitioning of certain information, statement**

6.(1) ڪليڪٽر لکت حڪم ذريعي جيڪو رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي ڏنو ويجي، ڪنهن بہ شخص کي گهرائي سگهي ٿو جنهن جو ڪيس ڪليڪٽر جي نظر ۾ هن آرڊيننس تحت سندس طرفان مالڪي هيٺ زمين جا تفصيل جمع ڪرائڻ جو هجي ۽ ڄاڻايل شخص اهڙي حڪم تي ڄاڻايل وقت دوران عمل ڪرڻ جو پابند هوندو، جيڪو ٽيهن ڏينهن کان گهٽ نہ هوندو، جيئن نوٽيس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن اهڙو شخص جنهن کي اهڙو نوٽيس جاري ڪيو ويو هجي، ڄاڻايل وقت دوران ڪو موزون سبب ٻڌائڻ کانسواءِ عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي، ڪليڪٽر اهڙي جاچ جي بنياد تي جيڪا اهو ضروري سمجهي اهڙي بيان کانسواءِ ان جي زمين تي ٽيڪس لڳائي سگهي ٿو.

**ڇوٽ**
**Exemption**

7. حڪومت ڪنهن بہ شخص يا شخصيتن جي طبقي کي مڪمل طور تي يا ڪجهہ حصو ٽيڪس جي ادائگي جو ڇڏي سگهي ٿي، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**اپيل، جائزو يا نظرثاني**
**Appeal, review or revision**

8. اپيل، جائزي يا نظرثاني جي مقصد لاءِ هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل حڪم هن ايڪٽ جي مقصد تحت جاري ڪيل روينيو عملدار جو حڪم سمجهيو ويندو.

**دائره اختيار تي پابندي**
**Bar of jurisdiction**

9. هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل ڪنهن بہ حڪم يا ڪارروائي تي ڪنهن بہ سول ڪورٽ ۾ سوال نہ اٿاريو ويندو.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**

10. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | Rule making power |